# ماڪ موتي ياد جا

(شاعري)

## ملھار سنڌي

ڪمپوزنگ: وفا گل محمد جمالي (شھدادڪوٽ)
03337504137 gm_jamali4u@yahoo.com

وائيس آف سنڌ اي بُڪ پبلشر
editor@voiceofsindh.net
www.voiceofsindh.net

# ارپنا

پنهنجي بابا سائين
دودو خان بوذدار
۽ منڻي جيجيل امڙ صاحبه
خاتون
جي نالي.
جن چيچ ڪان وٺي زندگيءَ جي
تلخ راهن تي هلڻ سيکاريو.

# اداري پاران

آرٽسٽ ماڻهوءَ جي زندگي ۾ ڏاڍي عجيب ٽيندي آهي، هو سندرتا، سچ ۽ فطرت جي حسناڪين جو شيدائي هوندو آهي. هن کي پين دنيائي شين ڪان وڌ پوپٽ جي رنگن، ماڪ پنل گلن، نم جي پور جهلڻ ۽ مينديءَ ڦٽڻ واري موسم، باک ڦٽي لهل سج جي پهرين ڪرڻن، شام سمي شفق رنگن ۾ سج لهڻ جي ۽ رات جو ٻيرن مٿان چنڊ جي نظارن، ڪنهن ٻڙ يا املتاس تي ويٺل ڪويل جي ڪوڪ ۽ ڪنهن الهڙ البيلي حسينا جي نيرين، ڪارين اکين ۽ معصوم ادائن سان وڌيڪ پيار هوندو آهي.

تخليق پبليڪيشن حيدرآباد هڪ اهڙي ئي ڪومل جذبن جي نفيس خيالن جي سرجيندڙ آرٽسٽ ملهار سنڌي جو شعري مجموعو ”ماڪ موتي ياد جا “ ڇپائيندي دلي سرهائي محسوس پئي ڪري.

ملهار سنڌيءَ جي شاعري فطرت جي حسناڪين جو جيئرو جاڳندو عڪس آهي، وٽس ڪوڙ ساريون من موهيندڙ ۽ خوبصورت ستون آهن. سماجي اڻ برابرين ۽ مختلف قومي پهلوئن طرف ڌيان ڇڪائيندڙ مضبوط خيال آهن. مونکي يقين آهي ته سندس شاعري سنڌي ادبي کيتر ۾ پنهنجو ڳهربل مقام ضرور ماڻيندي اوهان کي اسان جون هي محنتون ڪيئن لڳيون اوهان جي راين جي شديد انتظار ۾.

لکي سگهو ته ضرور لکجو.

## پنهنجي پاران

# اميدن جا گلاب

شاعري نہ صرف منهنجو شوق پر منهنجي احساسن، جذبن، امنگن، ڏکن ۽ سکن جي اظهار جو انتهائي بهترين ذريعو آهي. مون شاعريءَ ذريعي هميشہ پنهنجي دل جو بار هلڪو ڪيو آهي. موسيقيءَ ۽ شاعريءَ لاءِ چاهہ ننڍي هوندي کان ئي منهنجي مزاج ۾ رهيو آهي. مون سنڌي شاعريءَ جي تقريبن سمورين صنفن ۾ لکيو آهي. مون پنهنجي شاعريءَ ۾ داخلي احساسن سان گڏ خارجي احساسن جي ترجماني پڻ ڪئي آهي. منهنجي لکڻ جو سبب سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ سان محبت جو هجڻ آهي. مون هميشہ سنڌ ڌرتيءَ جي ترقيءَ جا خواب ڏٺا آهن. ڪتاب ” ماڪ موتي ياد جا “ ۾ سمالي سموري شاعري منهنجي اندر جي سچائي آهي. مون زندگيءَ جي سمورن حسين رنگن کي پنهنجي رچنائن ۾ سمائڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي آهي. مان پنهنجي لکڻين ۾ ڪڏهن بہ پنهنجي سماج کان ڪٽيل نہ رهيو آهيان. مان محبتن جو پرچارڪ رهيو آهيان. منهنجي خواهش آهي تہ مان سموري زندگي پنهنجي محبوب ديس جي اونداهن پيچرن تي علم ۽ شعور جا ڏيئا ٻاريندو رهان. منهنجي شاعريءَ ۾ شڪستگي، هيٺائپ ۽ ڪانئرپ وارا اظهار ڪو نہ آهن بلڪ مون نااميدي ۽ مايوسين بدران سچائن ۽ اميدن کي اظهارڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. مون پنهنجي شاعريءَ ۾ سمايل لفظن کي خلوص ۽ جذبي سان معنيٰ خيز بنائڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي آهي. منهنجي اها شعوري ڪوشش رهي آهي تہ مان پنهنجي شاعريءَ ۾ پنهنجي ٻوليءَ جي سادن، سهڻن ۽ اصلوڪن لفظن جو استعمال گهٽ کان گهٽ ڪريان. مون شاعريءَ ۾ اتساهہ ، حوصلي، جرئت ۽ بهادريءَ جون ڳالهيون ڪيون آهن. ڇو تہ اهڙي قسم جي شاعري ئي زندگيءَ جي روشن راهن ڏانهن وٺي ويندي آهي، جتان اميدن جا گلاب ڦٽي مستقبل جي بهتريءَ جي خوشبو پکيڙيندا آهن. منهنجي هن ڪتاب جو ڇپجڻ منهنجي لاءِ خوشيءَ جي ڳالهہ آهي. مان قاضي مقصود گل، ادل سومرو، ساجد سنڌي، سعيد ميمڻ، دليپ ڪمار، احسان دانش، رفيق بوزدار، رضوان عمراڻي، جاويد شبير، رضا بخاري سميت سمورن دوستن جو ٿورائتو آهيان. جن هن ڪتاب جي ڇپائيءَ ۾ منهنجي مدد ڪئي آهي.

تاثر

# محبتن جو پيڪر

جن قلمڪارن جي قلم جو نوڪ ڌرتيءَ جي سيني تي ٽيندڙ مڙني وارتائن کي قلمبند ڪري پنهنجي قومن ۾ شعور ۽ جاڳرتا لاءِ پاڻ پتوڙيو، تن ۾ سنڌ ڌرتيءَ جي نوجوان ڪوي ملهار سنڌي جو قلمي/ذهني پورهيو پنهنجي قوت آهر ضرور جنبش ۾ رهيو.

ملهار جون ڪوتائون صرف لفظن جو خالي ميڙ ناهن بلڪ انهن سادن ۽ سهڻن لفظن جو گڏيل نچوڙ آهن. جيڪي هڪ خوبصورت قطار ناهي پنهنجا همعصر ۽ هم وزن ساٿي ميڙي هڪ ٻئي جي پيش پيش هلن ٿا. پوءِ ان ۾ سهڻي خيالن جي سرواٽي چو نه هجي. هوئن ٻه ملهار لفظن جو محتاج ناهي رهيو. لفظ هن جي اندر تحرڪ پيدا ڪندا رهن ٿا ۽ هو لکندو رهي ٿو، پنهنجي داخلي ۽ خارجي ڪيفيت کي نئين رنگ ۽ ڍنگ سان، جنهن ۾ چاهه ٻه هجي ته چَسَ ٻه، سوز ٻه ملندو ته ساز ٻه، سونهن ٻه هوندي ته سادگي ٻه. ان خوبصورت سنگم ۾ ملهار مونکي محبتن جو پيڪر ۽ سچائي جو پيروڪار لڳي ٿو.

مون ملهار جي اکين ۾ سانوڻ رت جا ڪارا بادل ٻه پَيسا آهن ته آشائن جا اندلٺي رنگ ٻه. هن جنهن محسوساتي عمل مان گذري شاعريءَ ۾ رنگ پريا تنهن ۾ پيار ۽ پيڙا جو گڏيل عنصر بلڪل نمايان نظر اچي ٿو. هن ڪجهه ڪرڻ جي جستجو ۾ زندگيءَ جي چوواٽي تي بيهي جيڪا صدا بلند ڪئي، تنهن ۾ ڌرتي ۽ ڌرتيءَ جي ماڻهن سان محبت جو اُنس شامل آهي. پر ڪٿي ڪٿي من مندر ۾ سجايل ڪنهن مورتيءَ اڳيان سَرِ خَمُ ، موت سان همڪنار ٻه نظر ايندو . ملهار جو شمار اسان جي ٿهيءَ جي انهن شاعرن ۾ ٿئي ٿو جنهن ٿوري عرصي ۾ سنڌي ادب جي خدمت ڪندي پنهنجو الڳ مقام ماڻيو آهي. ملهار منهنجي انهن ابتدائي شاعر دوستن مان هڪ آهي، جنهن سان تخليقي سفر سان گڏ پنهنجي اندر جي احساسن جي اپٽار ٻي ڌڙڪ ڪري سگهي ٿي. ٻاراٽي شعري مجموعي ” رانديڪو “ کان پوءِ سندس هي ڪتاب ” ماڪ موتي ياد جا “ ڪيس مجتا جا موتي ميڙڻ ۾ ضرور مددگار ثابت ٿيندو . پنهنجون دعائون ساڻس گڏ آهن.

**ساجد سنڌي**

**ريڊيو پاڪستان لاڙڪاڻو**

**31 جولاءِ 2003ع**

مهاڳ

# رابيل تِڙيا آهن

ملهار ، نوجوان سنڌي شاعرن جي انهيءَ ٿهيءَ سان واسطو رکي ٿو جنهن ٿهيءَ سنڌي شاعريءَ کي نوان دڳ ، نوان رجحان، نوان روپ ۽ رنگ ڏيڻ سان گڏوگڏ شاعريءَ جو پاڙون پنهنجي ڌرتيءَ ۾ وڌيڪ پختيون ڪيون آهن. ان ٿهيءَ جي شاعرن جي شعور کي روشني شاهه لطيف وٽان ملي، ڪين شيخ اياز جهڙو آفاقي شاعر پنهنجي سامهون سرواڻ طور نظر آيو ۽ انهن ساڳئي نقشِ قدم تي ڌات جي ڌرتيءَ تي پير پاتا آهن تڏهن ته سندن قدمن ۾ مضبوطي ۽ حوصلن ۾ بلندگي ڏسڻ ۾ اچي ٿي ۽ اهي خوبيون اسان کي ملهار سنڌيءَ جي شاعريءَ ۾ به ملن ٿيون. سندس شاعريءَ ۾ شعور جي پختگي، فڪر جي گهرائي، لفظن جي سادگي ۽ مقصد جي چٽائي ملي ٿي. ملهار جي هن مجموعي " ماڪ موتي ياد جا " ۾ اسان کي غزل، وايون، چوسٽا، ڏيڍ سٽا ۽ نظم ملن ٿا. انهن سڀني صنفن ۾ ملهار جي شاعري اثرائتي نموني اظهار ڪري ٿي. مشهور رومانوي شاعر (**Keats**) هڪ هنڌ شاعريءَ متعلق لکيو آهي ته " شاعريءَ کي ائين هجڻ گهرجي جو پڙهندڙ کي اهو محسوس ٿئي ڇڻ هن جا پنهنجا بلند ترين خيال ڪنهن ٻئي جي زباني ظاهر ٿيا آهن ۽ اهڙيون ئي بي شمار سِٽون سان کي ملهار جي شاعريءَ ۾ ملن ٿيون جن ۾ اسان کي پنهنجون وِڇايل يادون ۽ سپنا ڏسڻ ۾ اچن ٿا. اهي اسان جي اندر ۾ ، سوچن جي ساگر ۾ ، ارتعاش يا تحريڪ جون لهرون پيدا ڪن ٿا جن سان اسان جي من اندر ماٺيون ٿي ويل سارونٽيون وري جاڳي پون ٿيون.

ڪي ساز ڇِڙيا آهن
دل انـــدر يادن جا،
رابيـــل تڙيا آهـــن.

(ڏيڍ سِٽو)

دل اندر يادن جا رابيل جڏهن تڙندا آهن ته انهن جي مهڪ من جي ماحول کي مهڪائي ڇڏيندي آهي ۽ مون ڏٺو آهي ته ملهار جي شاعريءَ جو مقصد به اهو ئي آهي ته ماحول کي مهڪائجي. اندر جي ماحول کي پيي ۽ ان ماحول کي به جنهن ۾ اسين رهون ٿا ته اسان جو خارجي ماحول جتي ڏاڍ ، جبر ، ناانصافي ۽ ڪرپشن اسان جي ماحول کي خراب ڪري ڇڏيو آهي، ان کي متائجي/ڊاهجي، جيئن ٽي. ايس ايليٽ (***T.S.Eliot***) جي شاعريءَ

۾ اسان کي مخصوص سرزمين ڏسڻ ۾ اچي ٿي جنھن کي ھو **Waste Land** جو نالو ڏئي ٿو. ائين اسان جي ملھار جي شاعريءَ ۾ ٻہ نالا ملن ٿا، ”اونداهہ ـ نگر“ جيڪو نا انصافي ۽ جبر جي علامت آھي ۽ ٻيو نالو، ” چاهہ ـ نگر “ جيڪو پيار مساوات جي علامت آھي.ملھار پنھنجي ھڪ خوبصورت ڏيڍ ـ سٽي ۾ چوي ٿو،

چو چاهہ ـ نگر ڍاھيون؟
ان کـــان تہ چگـــو آھــــــــي،
اونداهہ ـ نگــر ڍاھـــيون.

ملھار جي ھن شعري مجموعي ” ماڪ موتيءِ ياد جا “ ۾ تمام سٺا ڏيڍ ـ سٽا پڙھڻ لاءِ ملن ٿا، جن ۾ انساني ڪيفيتن جي ڀرپور عڪاسي ٿيل آھي. جن ۾ پيار ۽ ميلاپ جو ذڪر بہ ملي ٿو تہ وڇوڙي ۽ جدائيءَ جو جھورينڌڙ ڪيفيتون بہ،

ڪوئي بہ نہ ســــاٿي آ،
ڪٿيان ٿو سفر تنھا،
دردن ۾ حياتـــــــــــي آ.

۽ اھڙا ٻيا بہ سندر ڏيڍ سٽا ھن مجموعي ۾ اوھان جا منتظر آھن.

بيت ۽ وائي، اسان جي سنڌي شاعريءَ جا سچاٽو آھن الائي ڪھڙي سبب جي ڪري ملھار پنھنجي ھن مجموعي ۾ بيتن کي شامل نہ ڪيو آھي. باقي جيڪو وايون ھن مجموعي ۾ ملن ٿيون انھن ۾ ڏادي رنگيني ۽ دلڪشي نظر اچي ٿي. وائي جيڪا اسان جي شاعريءَ جي قديم صنف طور سڃاتجي ٿي. جنھن کي سنڌ جي سرواڻ شاعر شاهہ لطيف کان پوءِ شيخ اياز تمام مٿانھين درجي تي آڻي بيھاريو ۽ اياز جي سونھايل رستي تي ھلندي جديد سنڌي شاعرن وائيءَ ۾ وڌيڪ جدت ۽ جاذبيت پيدا ڪئي. شيخ اياز کان پوءِ جديد سنڌي شاعرن جو ھڪ ڏگھو قافلو آھي جن وائيءَ واري واٽ ۾ پنھنجون وکون اڳتي وڌايون انھن ۾ ادل سومري کان وٺي اياز جاني، وسيم سومري ۽ ٻين ڪافي نوجوانن شاعرن جا نالا نمايان نظر اچن ٿا جن جون وايون منفرد ۽ من کي موھينڌڙ آھن. ملھار جو نالو بہ وائيءَ جي انھن سٺن شاعرن جي صنف ۾ شامل ڪرڻ جھڙو آھي. ملھار وٽ بہ اسان کي ڏاڍيون پياريون ۽ ورائتيءَ واريون وايون ملن ٿيون، جيئن سندس ھي خوبصورت وائي:

ساپيائڻ جا او سکي!
منھنجي سپنن مان
سندر گل ڦٽي پيا.

ملهار جون وايون رومانوي رنگن سان رنگيل آهن انهن ۾ دل کي ڇُهندڙ احساسن جو ذڪر آهي:

تون تہ وڃين ٿو
تنهنجي ٽهڪن جي خــــــــوشبو
رهجي وئي آهي.

۽ اهڙيون ٻيون بہ خوبصورت وايون هن مجموعي ۾ شامل آهن هن جي پڙهڻ کان پوءِ انهن جو خوبصورت تاثر اوهان جي من ۾ سندر ساروڻين جيان رهجي وڃڻو آهي.
مشهور شاعر ۽ دانشور "ڪولرج "جو چوڻ آهي تہ:
"اسان شاعريءَ مان ان وقت لطف اندوز ٿيندا آهيون جڏهن اسان شاعر جي ڳالهہ سمجهندا هجون پر اها مڪمل طور نہ سمجهندا هجون." ۽ اهڙي سچوئيشن منجهان اسان غزل پڙهڻ دوران گذرندا آهيون. غزل جنهن جي ٻن سٽن ۾ معنائن جا ڪيترائي تهہ موجود هوندا آهن. غزل ۾ خيالن جي گهرائي ۽ تخيل جي پرواز پڙهندڙ تي عجيب ڪيفيت طاري ڪري ڇڏيندي آهي. غزلہ سنڌي شاعرن جي بہ محبوب صنف رهي آهي. جديد شاعرن ۾ غزل جا سگهارا شاعر موجود آهن. جن جي شاعري پنهنجي الڳ سڃاڻپ رکي ٿي. ملهار جي هن مجموعي "ماڪ موتيءِ ياد جا" ۾ بہ مهڙين حصي ۾ اسان کي غزل پڙهڻ لاءِ ملن ٿا. ملهار جي غزلن ۾ ڏاڍي سادگي آهي پر سادگي اهڙي جنهن جي لاءِ غالب چيو هوہ

سادگی و پرکاری، بی خودی و ہوشیاری
حسن کو تغافل میں جرئت آزما پایا

ملهار رات ويلي محبوب جون سارون ساڻ هجن ٿيون تہ ائين لڳي ٿو تہ چڻ چو طرف سوجهرو ٿي ويو هجي.
ملهار انسان جي مزني ڪيفيتن کي سچائيءَ سان پنهنجي غزلن ۾ سمايو آهي. خوشيءَ جي جذبن سان گڏوگڏ دل جي جهوريندڙ وارتائون بہ هو سچائي سان قلم جي نوڪ تي آڻي ٿو:

وِيا اُڏي مَنَ مان اميد جا پکي
مَن تہ ڄڻ خالي آکيرو ٿو لڳي

مايوسيءَ جي ڪيفيتن کي شاعريءَ ۾ جڳھہ ڏسڻ سان اسان شاعر کي ” قنوطيت پسند “ نہ ٿا چئي سگھون. جيئن نقاد هيملٽن پنهنجي مضمون ***Poetry and Contemplation*** ۾ چوي ٿو تہ :

”شاعريءَ جو معيار فقط اهو آهي تہ اها جيڪو تخليقي تجربو پيش ڪري ٿي اهو ڪيفيت جي لحاظ کان ڪيئن آهي ؟“ ۽ ائين اسان کي ملھار جي شاعريءَ ۾ ڪيفياتي سچائي ملي ٿي. هو جيڪي ڪيفيتون شاعريءَ ۾ پيش ڪري ٿو انهن منجهان چوڻ مايوسي جهلڪندي هجي پر هو پنهنجن احساسن کي سچائيءَ سان پيش ڪرڻ پنهنجو فرض سمجهي ٿو. جيئن سندس هڪ شاعر آهي:

منهنجا سارا خواب جيون سمنڊ ۾
ناڪئي ريءَ ناوَ جان لـڙهندا رهـيا

ملھار جو شعري مجموعو ”ماڪ موتي ياد جا“ سنڌي شاعريءَ جي معياري مجموعن ۾ هڪڙو خوبصورت اضافو آهي. ملھار شاعريءَ ۾ صرف خوبيون نہ بلڪ ڪافي جڳھن تي اوهان کي ڪمزوريون ۽ ڪچايون بہ نظر اينديون. اهو فيصلو اوهان کي ڪرڻو آهي تہ ملھار جي شاعري ڪيتري قدر ڪاميابين سان همڪنار ٿئي آهي ۽ اها ڪيتري قدر اسان جي جذبن ۽ احساسن تي اثر انداز ٿئي ٿي. آخر ۾ آءٌ ملھار جي هڪڙي خوبصورت غزل جو مطلع ۽ ڪجھہ بند اوهان کي پڙهائڻ چاهيان ٿو جنهن مان اوهان پاڻ اندازو لڳائي سگھو ٿا تہ ملھار جا غزل واقعي بہ من کي موهيندڙ آهن:

ڪـــيڏي آهـــي ڏکھي سارجي زندگي
تـــورڙي آ ڪــــتيءِ پيـــار جـي زنـــدگي

روز پئي تـي چِڃي وقت تنهنجي هٿان
منهنجـي جــــڻ آ ڪـچي تارَ جي زندگي

روز ڦاســــن ٿيــون جنهن ۾ پريشانيون
جــڻ تہ آهـــي اُٽيل جــارَ جـــي زندگـي

رئيس جـــي تيــز گاڏي تہ گـــذري وئـي
مـــون ڏٺـــي ڦٿڪندي بارَ جـــي زندگي

تـــون حياتـــيءَ جـــو ســـرمايو آهين پرين!
تـــو ســـــوا ڪهڙي مـــلهار جـــــي زندگـــــــــي؟

سعيد ميمڻ
عاقل
29 جولاءِ 2003 ع

# شاعري

ڪيڏي آهي ڏکي سارجي زندگي،
ٿورڙي آ ڪٽي، پيار جي زندگي.

روز پئي ٿي ڇڃي وقت تنهنجي هٿان،
منهنجي ڄڻ آ ڪچي تارَ جي زندگي.

هارَ ڪان هارَ ملندي ڪڏهن جيت ڪان،
ڇو نه ڳُٽندي ڀَلا هار جي زندگي.

روز ڦاسن ٿيون جنهن ۾ پريشانيون،
ڄڻ ته آهي اُٺيل جارَ جي زندگي.

پل ته دردن مٿان درد ڏيندو رهي،
شل سئوٽي ٿئي چار جي زندگي.

رئيس جي تيز گاڏي ته گذري وئي،
مون ڏٺي ڦٿڪندي ٻارَ جي زندگي.

تون حياتيءَ جو سرمايو آهين پرين!
تو سوا ڪهڙي ملهار جي زندگي؟

❋❋❋

چاهتون برقرار ٿو چاهيان،
زندگيءَ ۾ نکار ٿو چاهيان.

تنهنجي نيڻن منجهان ملي جيڪو،
آءٌ اهڙو خمار ٿو چاهيان.

نانءُ زنده رَهي زماني ۾،
عظمتون بي شمار ٿو چاهيان.

دوستيءَ جو ڀرم رکي جيڪو،
دوست ڪو بردبار ٿو چاهيان.

جيڪا تنهنجي اچڻ سان ايندي آ،
مند پيارا بهار ٿو چاهيان.

ظلم ڏاڙو نه ديس ۾ گهرجي،
حالتون سازگار ٿو چاهيان.

مون نه جيون ۾ رکيو پوڄيو آ،
هاڻِ ڪوئي قرار ٿو چاهيان.

جُهور چهرا خوشيءَ منجهان ٿهڪن،
مند ٿر لئہ ”ملهار“ ٿو چاهيان.

❋❋❋

بيقراري ۾ بهارن ۾ پرين،
نيڻ تنهنجي انتظارن ۾ پرين.

ڇا ڪندين احساس گهري درد جو؟
تون رهيو آهين قرارن ۾ پرين.

ٽورڙي ڇوري ۾ تنهنجي سونهن جي،
چانڊني جا چنڊ تارن ۾ پرين.

ڏينهن ڪيئن ٽئي تنهنجي مرضي ڪانسواءِ؟
رات جو گهر تنهنجي وارن ۾ پرين.

تنهنجي نيڻن جي سخاوت تي لڳي،
هي جا موسم ۾ خمارن جي پرين.

آس ۾ ”ملهار“ گذجي گهارجن،
ڪجهه گهڙيون تنهنجي سهارن ۾ پرين.

❋❋❋

من اندر الڪا رڪان ٿو،
سڏڪندڙ سپنا رڪان ٿو.

دل اندر احساس رک تون،
مان به ڪي جذبا رڪان ٿو.

ڪالهه تو مرڪي چيو هو،
روح جا رشتا رڪان ٿو.

مان به سوچن ۾ سدائين،
پيار جا پاڇا رڪان ٿو.

مرڪ آ منهنجي چپن تي،
ساهه ۾ سڏڪا رڪان ٿو.

مان مِٺا ” ملهار“ من ۾ ،
ياد جا ڳلڙا رڪان ٿو.

❋❋❋

محبت جون مهڪارون ايندیون،
مرڪي مند بهارون ايندیون.

معاف ڪجان بس هُن جي طرفان،
تارُنِ پويان تارون ايندیون.

پوءِ به حق جو نعرو رهندو،
ڪنڌ مٿان تلوارون ايندیون.

دِلِ جو ڪمرو روشن ٿيندو،
يادن جون چمڪارون ايندیون.

دنيا جو دستور رهيو آ،
دوکي جون ديوارون ايندیون.

تون جو وارَ وکيريندينءَ پوءِ،
هيرن مان هيڪارون ايندیون.

رَهندو ڪو نه ڏڪار سدائين،
سنڌوءَ منجهه سڪارون ايندیون.

❋❋❋

بيٺو آهيان يارَ تنهنجي راهہَ ۾،
درد ريءَ پيو چا رکيو آ چاهہَ ۾.

مون ڪي محبت ساڻ آ منزل ملي،
لوڪ چا لئہ ٿو سڙي آڙاهہَ ۾.

تو اُماٽيون درد جون جهوليون پَري،
سي پرين سانديي رکان ٿو ساهہَ ۾.

تنهنجي يادن جي بهارن ۾ رَهي،
گيت مون ڪيئي لکيا ساراهہَ ۾.

چنڊ ويو منهنجي چهڻ ڪان ڏور ٿي،
پوءِ بہ آهي آسرو اللهؒ ۾.

پنهنجو گلشن ٿي ويو ويران آ،
هو رڳو غيرن سان آهي ٿاهہَ ۾.

❋❋❋

رُلندو رهيو هان سرابن جي پويان،
مليا زخم ڪيڏا گلابن جي پويان.

ڪيئي سال جنهن لئه مون تڙپي گذاريا،
سو منهنجو پرين آ حجابن جي پويان.

گهر منجهه ٻڪُ ڪان آهي روڄ راڙو،
مِليو مون ڪي چاهي ڪتابن جي پويان؟

اُهي تنهنجا هڏا ٻه رڙڪي چڏيندا،
اڙي ڪجهه نه ملندئي نَوابن جي پويان.

گناهن جي چنبن ۾ ڦاسي پيو هان،
پيو روح ڊوڙي ثوابن جي پويان.

سڄي سنڌ پنهنجي هٿن مان وڃي پئي،
مگر آهِ ليڊر شرابن جي پويان.

اَجان تنهنجي ” ملهار“ سوالن جي بارش،
ٿيا وار چاندي جوابن جي پويان.

❋❋❋

الفت جو اتهاس لڳان ٿو،
انساني احساس لڳان ٿو.

جيون سونهن وئي آ کسجي،
ناهِ خوشي ڪا راس لڳان ٿو.

توبن ڪائڻ ايندو آهي،
مون کي جڻ ته ڪلاس لڳان ٿو.

توکي ياد ڪري يادن مان،
وئندو آهيان واس لڳان ٿو.

موسم چين وڃائي ڇڏيو،
مونجهو مَنَ آڪاس لڳان ٿو.

خبر نه آهي چو ٿي روڙي؟
وقت هڏن تان ماس لڳان ٿو.

پوءِ به آءٌ جيئڻ ٿو چاهيان ،
تڙپي ٿي هر آس لڳان ٿو.

دوکو آ " ملهار " زمانو،
ڪو نه ڪجي وشواس لڳان ٿو.

❋❋❋

هر پهر ڏوجهرو ٿو لڳي،
پيار ۾ اوپرو ٿو لڳي.

اوچتو تون وَئين منهن مَٽي،
وقت جو وهڪرو ٿو لڳي.

سار تنهنجي پرين رات ۾،
هر طرف سوجهرو ٿي لڳي.

بس ٻُڌائي ڪيئن ٿو؟
ماڻهو ڪو چيڳرو ٿو لڳي.

سچ ڪي ٿو چوي ڳولهجي،
ٻوڳهلو چوڪرو ٿو لڳي.

دل اندر درد جو گهر اَڏي،
ظاهري مسخرو ٿو لڳي.

❋❋❋

چاهتن جو چنڊ ميرو ٿي پيو،
دِلِ اندر دردن جو ديرو ٿي پيو.

ويا اڏامي رنگ پنهنجي پيار جا.
مون مٿان سوچن جو گهيرو ٿي پيو،

وِيا اُڏي مَنَ مان اميدن جا پکي،
مَنَ ته جڻ خالي آکيرو ٿي پيو.

آرسيءَ ۾ چنڊ جو پاتو ليئو،
تنهن ۾ ظاهر تنهنجو چهرو ٿي پيو.

پاهران لڳي ٿي ڪير جان،
پر اندر جو ڏِسُ ته ميرو ٿي پيو.

روشني وَئين تون ڪسي ” ملهار “ڪان،
تو سوا هي جڳ انڌيرو ٿي پيو.

❋❋❋

ماڪ موتي ياد جا وسندا رهيا،
دل ۾ آشائن جا گل ڦٽندا رهيا.

هر قدم تي درد ۽ دوکو مليو،
پو بہ منهنجا حوصلا وڌندا رهيا.

منهنجا سارا خواب جيون سفر ۾،
ناڪئي ريءَ ناوَ جان لڙهندا رهيا.

پير ٿيا آهن پٿون پٿرن مٿان،
پو بہ تنهنجي پارَ ڏي هلندا رهيا.

خيال تنهنجي ذهن جي ورٹ ۾ پرين،
ذات جو پينگو ٻُڌي لڏندا رهيا.

نفرتن ۽ ظلم جي آڙاهہ ۾ ،
الفتن جا باغ سَوَ سَڙندا رهيا.

ڪين ڪجھ حاصل ڪيو "ملهار" تن،
جي رڳو پاڇن پٺيان رُلندا رهيا.

❋❋❋

نيڻن آڏو تنھنجو چھرو بيٺو آ،
سمجھان ٿو ڇڻ سنڌ جو نقشو بيٺو آ.

دنيا جا دستور سڀيئي وسري وياءِ
اندر ۾ بس تنھنجو الڪو بيٺو آ.

اوسيئڙي ۾ ياد جا ڏيئا ٻاري ٿو،
طوفانن ۾ ھڪڙو چريو بيٺو آ.

دل ھڪڙي آسَ اڌوري رھجي وئي،
ڪنڌ جھڪائي ھر ھڪ جذبو بيٺو آ.

ساپيائن جي اوسيئڙي ۾ عرصي کان،
بند اکين ۾ ڪوئي سپنو بيٺو آ.

چانڊوڪيءَ جو ويس ڍَڪي تون آيو آن،
ماڻھن سمجھيو نور خدا جو بيٺو آ.

غيرن ڏي "ملھار" ميارون ڪھڙيون جو،
دشمن بڻجي ھر ھڪ پنھنجو بيٺو آ.

***

هي جو صبح ٻه ٿي ويو آهي،
ٻاڪ توڪان وَٺي ويو آهي .

روح توسان ايئن ويو رلجي،
پونئر گل سان ٻڪي ويو آهي.

راهه پنهنجي جدا جدا اڄ ڪان،
ڊائري ۾ لکي ويو آهي.

جڳ ڀڄري منجهان ڀڪيءَ وانگي،
پيار ڪاڏي اُڏي ويو آهي.

سچ جڏهين چيو مون محفل ۾،
ڪنڌ هُنَ جو جهڪي ويو آهي.

منڊ ”ملهار“ جي آ نيڻن ۾،
دل جو دامن ڀِڄي ويو آهي.

❋❋❋

ياد جا دل اندر سلسلا ٿا رهن،
زندگيءَ ۾ ڏکيا مرحلا ٿا رهن.

زندگيءَ جو سفر آ ڪٺن ٿي پيو،
ذهن ۾ تو سوا زلزلا ٿا رهن.

رات سپنو به ڪيڏو مون سندر ڏِٺو،
سنڌ ۾ جوش ۽ ولولا ٿا رهن .

ڪاميابي انهن لئہ نہ آمسئلو،
جن جا اوچا سدا حوصلا ٿا رهن.

چنڊ ڪي هيءَ خبر ڪو نہ پئي آ اجان،
هُنَ جي پر ۾ چو تارا پلا ٿا رهن؟

ڪونہ مايوس هرگز ٿجي دوستو،
جيڪڏهن هر گهڙي مسئلا ٿا رهن.

مون هُنن سان سدائين وفائون ڪيون،
منهنجي چا لئہ ڪندا هوگلا ٿا رهن؟

***

ڪو خوشين سان راند رچائي ڳھاري ٿو،
ڪو سيني ۾ سور لڪائي ڳھاري ٿو.

تون ته نه چاھين او جانان! تنھنجي لئه،
ڪو راھن ۾ نيڻن وڇائي ڳھاري ٿو.

ڪنھن جي اوچو ڳاٽ رھي ٿو دنيا ۾،
ڪوئي پنھنجو ڪنڌ جھڪائي ڳھاري ٿو.

اُنَ ماڻھوءَ کي موت نه ماري سگھندو آ،
جيڪو جڳ ۾ ورھائي ڳھاري ٿو.

ڪو چمڙي جان اوندھ جو پوڄاري آ،
ڪوئي جيون جوت جلائي ڳھاري ٿو.

ھر ڪو پنھنجي پنھنجي ڌُن ۾ پورو آ،
پر ڪو تنھنجي آس لڳائي ڳھاري ٿو.

ڪو آشائن پويان رُلندو رھندو آ،
ڪو آسن جا بلب وسائي ڳھاري ٿو.

اُنَ ماڻھوءَ سان محبت ٿو ”ملھار“ رکان،
جو ڌرتيءَ جي سينڌ سجائي ڳھاري ٿو.

❋❋❋

تو لئه آتو هي منهنجو اندر ٿو رهي،
ذهن ارڻ ترڻ ۾ هر هڪ پهر ٿو رهي.

❋❋❋

ساٿ ڪيئن ٿو ڇڏي مان سڳهان پيار جو؟
جنهن سان سهڻو هي دل جو شهر ٿو رهي،

اڙي چين! ڪهڙي شهر ٿو رَهين؟
ڏکيو زندگيءَ جو سفر ٿو رهي.

پو به خاموش آهِن هي انسان چو؟
هيڏو سنسار ۾ جو قهر ٿو رهي.

منهنجي دل ۾ ايئن ٿي رهين ٿو پرين،
شعر ۾ جيئن وزن بحر ٿو رهي.

سوئي جيون سُٺي ڪان سُنو آ پرين،
جنهن ۾ ڪوئي سچو همسفر ٿو رهي.

درد منهنجي اندر ۾ تا جاڳي پون،
تنهنجي در تان جڏهن ٻيي ڳذر ٿو رهي.

سِڪَ هُنَ لاءِ پوءِ پيي اندر ۾ اٿم،
مون لئہ جنهن جي هٿن ۾ زهر ٿو رهي.

جيڪو پنهنجو ڪري سچ ڪي سونهن ڪي،
نانءُ ”ملهار“ اُنَ جي امر ٿو رهي.

❋❋❋

حسن وارا اوچتو گم ٿي ويا،
ڇڻ سهارا اوچتو گم ٿي ويا.

مک پيلو نيڻ آلا ٿا رهن،
روپ نيارا اوچتو گم ٿي ويا.

جن سان ملندي روح کي راحت هئي،
سي نظارا اوچتو گم ٿي ويا.

ڪو حسين چهرو ڏسي بازار ۾،
هوش سارا اوچتو گم ٿي ويا.

درد ٻڌجي باز ويو خوشيون جهٽي،
پل پيارا اوچتو گم ٿي ويا.

دل جي اُپ تان تنهنجي پيار جا،
چنڊ تارا اوچتو گم ٿي ويا.

ڪجهه گهڙيون ”ملهار“ جيون ۾ رهي،
جيءَ جيارا اوچتو گم ٿي ويا.

❋❋❋

ها! وڇوڙي ماس ۽ روڙي ڇڏيو،
زندگيءَ جي ڪُنَ ۾ ٻوڙي ڇڏيو.

چين دردن ۾ ويو تبديل ٿي،
زندگيءَ جو رُخُ تو موڙي ڇڏيو،

وِيو ڇَڏائي ساهه ۽ سپنن منجهان،
سِڪَ جو تو سلسلو ٽوڙي ڇڏيو.

مند خوشبو سان وئي ۽ واسجي،
تو سڪي ڇوٽو جو ۽ ڇوڙي ڇڏيو.

تو ڇڏيو پر مان تنها ڪونه هان،
سات سڏڪن ساڻ ۽ جوڙي ڇڏيو.

زندگيءَ جو حسن جڻ ڪسجي ويو،
وقت ۽”ملهار“ جِهنجهوڙي ڇڏيو.

❋❋❋

ڪاتي مان سڪيو آهيان،
ڪيڏو نه ڏڪيو آهيان.

تو لاءِ اڙي منزل،
راهن ۾ رُليو آهيان.

تنهنجي نه نگاهن کان،
مون ڏور رهيو آهيان.

منهنجو هي تعارف آ،
الفت جو ٻڪيو آهيان.

او سونهن! نه ٻيئي آڏو،
تو به مان جهڪيو آهيان.

مان تنهنجي يادن جي،
پينگهي ۾ لڏيو آهيان.

❋❋❋

پيار پنهنجو نرالو لڳي ٿو سگهي،
شاهه جو ڄڻ رسالو لڳي ٿو سگهي.

تنهنجي سامهون اچڻ سان خبر ناهه ڇو؟
منهنجي چپڙن تي تالو لڳي ٿو سگهي.

سموري زماني ڪان مونکي سٺو،
صرف تنهنجو ئي نالو لڳي ٿو سگهي.

اڄ وري ڪنهن کي ساري آن شايد رُني،
تنهنجو دامن جو آلو لڳي ٿو سگهي.

جڏهن تون ڇڏڻ جي ڪرين ڳالهه ٿي،
منهنجي سيني ۾ ڀالو لڳي ٿو سگهي.

سموري دنيا جو هي ڳولو مونکي،
ڪَنَ تنهنجي جو والو لڳي ٿو سگهي.

زلف تنهنجا جڏهن ٿا مٿان ڇانوَ ڪن،
سانوِڻيءَ ۾ جهڙالو لڳي ٿو سگهي.

تنهنجي "ملهار" جي ٻي سڃاڻپ نه آ،
محبتن جو حوالو لڳي ٿو سگهي.

❋❋❋

رڳو خواب اڌرن پيا زندگيءَ ۾،
سوين سور سنجرن پيا زندگيءَ ۾.

سنڌ ساٿ ڪيئن ٿو وساري سگهان مان؟
سلا سڪ جا نسرن پيا زندگيءَ ۾.

خوشين جو خزانو ويو آهه لٽجي،
ڏکيا پل گذرن پيا زندگيءَ ۾.

اميدن جا لاشا رلن پيا دنيا ۾،
پوءِ به هو نه وسرن پيا زندگيءَ ۾.

غلاميءَ جا قندا اسان جي ڳچين ۾،
پلا چو نه نڪرن پيا زندگيءَ ۾.

اسان کي پيئي موت ڏُڪُ ڏُڪُ ڪري ٿو،
ڪيئي روح پڄرن پيا زندگيءَ ۾.

آزادي جي ديوي ۽ ”ملهار“ ڪاٿي؟
دکي خيال اُيرن پيا زندگيءَ ۾.

❋❋❋

دل جي دفتر تي تنهنجو نالو لکي ويا آهيون،
اسان ته عشق ڪري هاري سگهي ويا آهيون.

جڏهن ته تنهنجي دروازي تان گذر ٿيو آهي،
خدا ڄاڻي تو اتان پاڻ جهڪي ويا آهيون.

سمورا درد زماني جا ڪنيا مون سِرَ تي،
تنهنجي ئي لاءِ خوشيون ڪوڙ رکي ويا آهيون.

پنهنجي سموري حياتي ئي تي وئي خوشبو،
بس هڪڙو پل جو تنهنجي ير ۾ رهي ويا آهيون.

دل جي ويڊيو ۾ تنهنجو عڪس ويو آ پرجي،
تنهنجي ته سونهن سان سرشار ٿي ويا آهيون.

پيار” ملهار“ حياتيءَ کي سليقو آ ڏنو،
تنهنجي ته رنگ ۾ ڪيڏو نه رَچي ويا آهيون.

❋❋❋

پنهنجي جون پيڙائون دل ۾،
جذبا گائون مائون دل ۾.

پيار پکيئڙو اڏري ويو،
سڏڪيون ڪوڙ صدائون دل ۾.

درد نديءَ ۾ سوچ تري ٿي،
اٽڪ ٿ سور سزائون دل ۾.

ڪوماٽو آ گل چاهت جو،
رهجي ويون آشائون دل ۾.

تنهنجي ساٿ بنان ڪيئن جڙنديون؟
موتئي جون ملهائون دل ۾.

تڏهن ته بدحاليءَ ۾ آهيان،
سانڍيم ڪو نه دغائون دل ۾.

ڳول پيو "ملهار" پلي تون،
لپنديون ڪو نه جفائون دل ۾.

❋❋❋

سونهن جو سنسار ئي ناهي رهيو،
زندگيءَ ۾ پيار ئي ناهي رهيو.

مان تڏهن هيڪل ۽ ويا ڪل هان پرين،
تنهنجو جو سهڪار ئي ناهي رهيو.

جنهن جي هوندي زندگيءَ ۾ چين هو،
سو اکين جو ٺار ئي ناهي رهيو.

مان ٿو هر دم پيار ورچيندو رهان،
ڪنهن سان ڪو تڪرار ئي ناهي رهيو.

تو چيو جيڪي چيو مان ٿو مڃان،
توسان ڪڏهن انڪار ئي ناهي رهيو.

مان پلا سينگارجي ڪاڏي وڃان،
شهر ۾ ”ملهار“ ئي ناهي رهيو.

❋❋❋

نہ پورن جون ڳالهيون نہ ڪارن جون ڳالهيون،
رهيون روح ۾ رمز وارن جون ڳالهيون.

سدا ياد آهن سدا ياد رهنديون،
اوهان جي اکين جي اشارن جون ڳالهيون.

سوا تنهنجي اونده سمورو زمانو،
وڻن ڪين مونکي نظارن جون ڳالهيون.

گلن ساڻ گڏ خارَ هوندا هميشہ،
ڪيون ڪيئن پلا پو بهارن جون ڳالهيون.

اسان وٽ سدائين پيا سور پلجن،
نہ پُڇُ عشق ۾ انتظارن جون ڳالهيون.

سدا آ اوهان جي مٺا تات تَنَ ۾،
جيئن ڪن ٿريچي "ملهارن" جون ڳالهيون.

❋❋❋

ڏور مونکان گلاب ٿي ويو آ،
هاڻ جيون عذاب ٿي ويو آ.

جنهن جو گهرو نه فلسفو آهي،
پيار اهڙو ڪتاب ٿي ويو آ.

سونهن تنهنجيءَ ڪي ٿو ڪيان سجدا،
تنهنجو درشن سراب ٿي ويو آ.

خون ٿيو آهه اعتمادن جو،
هر ڪو رشتو سراب ٿي ويو آ.

مون نه سپنن جو محل جوڙيو هو،
پجي پورا سو خواب ٿي ويو آ.

ڪندو سنڌ سان هو پيار جي دعويٰ،
اڄ هو بي نقاب ٿي ويو آ.

تنهنجي محبت جا گيچ پايان ٿو،
روح منهنجو رباب ٿي ويو آ.

زندگيءَ هي اماس راتين ۾،
دردِ دل بي حساب ٿي ويو آ.

❋❋❋

پير ڪٽي ھل پانڌيئڙن جو،
رڻ ۾ رستا جوڙين ڇو ٿو؟

جنھن مان ڪجھ بہ ورڻو ناھي،
تنھن لئہ پاڻ پتوڙين ڇو ٿو؟

دور گذاري مون ڪان منھنجي،
جذبن کي جھنجھوڙين ڇو ٿو؟

ڪوڙا رهبر ڪوڙ ڪمائي،
قوم جو ٻيڙو ٻوڙين ڇو ٿو؟

لالچ جي لئہ مونکان ناتا،
محبت وارا توڙين ڇو ٿو؟

ڳول حقيقت هردي مان تون،
پاڇي پويان ڊوڙين ڇو ٿو؟

محبت جا ڪي محل اڏي ڇڏ،
نفرت خيما کوڙين ڇو ٿو؟

محنت سان ئي منزل ملندي،
مقصد کان منهن موڙين ڇو ٿو؟

مرڪڻ ۾ ”ملھار“ مزو آ،
روئي نور نچوڙين ڇو ٿو؟

❋❋❋

تنهنجو پهريون پيار ڪٿي آ؟
سونهن پريو سنسار ڪٿي آ؟

منهنجي ڳچيءَ ۾ وجهندي هُئينءَ تون،
ٻانهن جو سو هار ڪٿي آ؟

زلفن جيڪي واس ورهايا،
موتين جي مهڪار ڪٿي آ؟

چانڊوڪيءَ ۾ تو جو ڪيو هو،
مونسان سو اقرار ڪٿي آ؟

سوچن ۾ تون آنهه سمايل،
دِلڙي توکان ڌار ڪٿي آ؟

تنهنجي مرڪڻ سان ٿيندي هئي،
اوندهه ۾ چمڪار ڪٿي آ؟

دل جي ٿر تي برسي پئي ٿل!
اهڙي منڊ "ملهار" ڪٿي آ؟

❋❋❋

تو ڇُهيو زندگي آهِ مهڪي پئي،
منهنجي هيءَ شاعري آهِ مهڪي پئي.

سارَ تنهنجي ڪٽي جو اچي هير ٿي،
منهنجي هر هڪ گهڙي آهِ مهڪي پئي.

تو جا ڪولي پڙهي پيار پابوهہ سان،
منهنجي سا ڊائري آهِ مهڪي پئي.

نان ءُ تنهنجو لکيو مون پنهنجي نان ءُ سان،
چاهہ ۾ دل چري آهِ مهڪي پئي.

شعر اهڙا بخاريءَ لکيا سنڌ لئہ،
جو سڄي سنڌڙي آهِ مهڪي پئي.

هوءَ شايد هِتان هارڻ گذري وَئي،
ها تڏهن هيءَ گهٽي آهِ مهڪي پئي.

تنهنجو "ملهار" ڏي هڪ دفعو اچڻ سان،
هُنَ جي ساري جُهگي آهِ مهڪي پئي.

***

تنهنجي ٿهڪن سان ٿئي ٿي چانڊوڪي،
تنهنجي مُکَ تي نچي ٿي چانڊوڪي.

مان ٿو اونده ۾ زندگي گهاريان،
تنهنجي پاڙي رهي ٿي چانڊوڪي.

ذهن  منهنجي ۾ ڪيئن نہ! عرصي کان،
ياد ٻڏجي لهي ٿي چانڊوڪي.

ناز پل تون حسن تي ڪر جانان،
تنهنجي پويان رُلي ٿي چانڊوڪي.

سارا منظر رنگين ٻڏجي ويا،
تنهنجي رُخ مان ڇٽي ٿي چانڊوڪي.

رات ”ملهار“ ڪنوار جيئن پاسي،
چنڊ جي جو وَسي ٿي چانڊوڪي.

❋❋❋

توڙي نيڻن جا سپنا جليا هر گهڙي،
نيڻ پو پيي سفر ۾ رهيا هر گهڙي.

شال! ڪائي خوشي زندگيءَ ۾ اَچي،
درد جيون ۾ گهرا مليا هر گهڙي.

سي ته شعلا ٿي اُڀريا سڄيءَ سنڌ ۾،
گيت ڌرتيءَ لئه جيڪي لکيا هر گهڙي.

ڳالهه مان ٿو ڪيان پيار ۽ امن جي،
جنهن جي مونکي ملي ٿي سزا هر گهڙي.

مون کي چو ٿا جفائن جا خنجر هڻن؟
مون ته ڪئي آ سڀن سان وفا هر گهڙي.

سنڌ ڌرتيءَ جي سيوا ڪيو دوستو!
منهنجي آهي اها التجا هر گهڙي.

تو سوا ڪيئن ٿو "ملهار"گهاري سگهان؟
ياد مونکي رهين ٿو مٺا هر گهڙي.

❋❋❋

جيئڻ ٿيون اڪيون ۽ مرڻ ٿيون اڪيون،
ڪيڏو درد تو بن سهڻ ٿيون اڪيون.

تڏهن هوش منهنجا اُڏي ٿا وڃن،
جڏهن منهنجون توسان ملڻ ٿيون اڪيون.

ڪيان حسن تنهنجي جي تعريف ٿو،
حجابن ۾ تنهنجي جهڪڻ ٿيون اڪيون.

پيو ڪو به منظر ٽِڪي ئي نه ٿو،
سنڌءِ خواب هردم ڏسڻ ٿيون اڪيون.

توکي ڪو به احساس ناهي رهيو،
مگر تو لئه آتيون رهڻ ٿيون اڪيون.

اکين ۾ ٿا بادل سدائين رهن،
اچي ياد تنهنجي وسڻ ٿيون اڪيون.

اکين ۾ آ ”ملهار“ توگهر اڏيو،
تنهنجو عڪس سانڍي رکڻ ٿيون اڪيون.

❋❋❋

ڪيئن نه يادن جي هير گهلندي آ،
ڪيڏو دل کي سرور ڏيندي آ.

سونهن هُنَ جي جو ڪو مثال نه آ،
جيڪا منهنجي اندر ۾ رهندي آ.

دل ۾ ڪوئي نه درد آ رهندو،
هوءَ جڏهن به مونسان ملندي آ.

مون ٻڌو آ ته هوءَ سڪين جي وچ ۾،
شعر منهنجا ضرور پڙهندي آ.

هُنَ جي مونکي خبر نه آهي پر،
منهنجي هُنَ کان سوا نه سرندي آ.

سارو سنسار پوندو آ مهڪي،
هوءَ مرڪي جڏهن به ڏسندي آ.

ڏار "ملهار" کان رهي ڪيڏا،
دل چري سور ئي ته سهندي آ.

❋❋❋

جڏهن ڪان تيو هان سڪيءَ ڪان پري،
تڏهن ڪان ٿي ويو هان خوشيءَ ڪان پري.

پاڻ ڪي پاڻ ماري سگهان ٿي نه ٿو،
ڪيئن ٿي ٿو سگهان شاعريءَ ڪان پري.

پيار ڪي ڪير آهي ڇڏيندو ڀلا؟
ڪير ٿي ٿو سگهي زندگيءَ ڪان پري.

مک زلفن سان پنهجو ڍڪيندين جڏهن،
رات ٿيندي تڏهن روشنيءَ ڪان پري.

مِلي سگهندو نه مونکي سچي زندگي،
چين تنهنجي نه گهرجي گِهٽيءَ ڪان پري.

پنهجي ڌرتيءَ جي مٽيءَ ۾ ٿيندس دفن،
ٿي نه سگهندس ڪڏهن سنڌڙيءَ ڪان پري.

هاڻِ ”ملهار“ڪسجي ويون رونقون،
ڪيوَ آزمائي مِٽيءَ ڪان پري.

❋❋❋

تنهنجي يادن جي سهاري ٿو جيئان،
تو سوا مان لڙڪ هاري ٿو جيئان.

ڪونه مون اميد جو ڪرٽو ڏنو،
تنهن ڪري جذبن کي ماري ٿو جيئان.

نفرتن جي ڏيهه ۾ منهنجا پرين،
چاهه جون ڏياٽيون مان ٻاري ٿو جيئان.

ڪير ائين جيون گذاري ٿو سگهي؟
جيئڻ پاڻ آءُ تاري ٿو جيئان.

ڇا ٿه ٿئي مونکي نتيجو آ قبول،
پيار تي مان ساهه واري ٿو جيئان.

چؤطرف هن ظلمتون ئي ظلمتون،
امن جون راهون نهاري ٿو جيئان.

درد آ "ملهار" جيون ٿي ويو،
همٿون پو ٻي نه هاري ٿو جيئان.

❋❋❋

جيئن گل جو ٽِڙڻ مونکي سندر لڳو،
ائين تنھنجو کِلڻ مونکي سندر لڳو.

سونهن تنھنجيءَ جو ڪو ناھِ نعم البدل،
تنھنجو مرڪي ڏِسڻ سندر لڳو.

تون وئينءَ جو رسي مون چيو معاف ڪر،
تنھنجو پرچي پوڻ مون کي سندر لڳو.

تنھنجي يادن جو منھنجي ذھن ۾ مٿي،
ڪونج ٻڌجي لھڻ مون کي سندر لڳو.

تو لکيو سنڌ لئہ سچ لئہ او ڪوي!
تنھنجو اھڙو لکڻ مون کي سندر لڳو.

ڏار توکان گھڙيون تير ٻڌجي چُڀنِ،
تنھنجي پر ۾ رھڻ مون کي سندر لڳو.

پيار ڦھلاءِ ”ملھار“ مان ٿو ڪيان،
يارُ اھڙو جيئڻ مون کي سندر لڳو.

❋❋❋

تو سوا هر ذرڙ ڏهين محرم سڪي،
ڪَنِ نه جذبا هر گهڙي ماتم سڪي.

زندگيءَ جي وڻ منجهان ٿا پن ڇڻن،
جَڻ خزان ۾ مون لئه هر موسم سڪي.

تن ڪي سپنن ۾ ٿو ٿاهيندو رهان،
زلف تنهنجا جي هئا ريشم سڪي.

ياد ناهي ڪو گهڙي ڪن ۾ رُڪيو،
منهنجي نيڻن مان ڪڏهن اُگم سڪي.

مون جيان ڪنهن ۾ هِ دنيا ڪي ڏٺو،
مون پسيو ۾ هي عجب عالم سڪي.

ذهن اپ تان تنهنجي يادن جو ڪڪر،
ڪيئن نه ڪن ٿا مون مٿان رمجهم سڪي.

توکي ٿو "ملهار" سارينديو رهي،
مون وساري ۾ ڇڏيو هر ڪم سڪي.

❋❋❋

توتي جيون فدا ٿو ڪريان،
عشق جي انتها ٿو ڪريان.

موت جي مونکي هنج ۾ سمهار،
عرض توکي خدا ٿو ڪريان.

حال پنهنجي تي مون کي ڇڏيو،
لوڪ کي التجا ٿو ڪريان.

سونهن کي جي ٿو سجدا ڪريان،
فرض پنهنجو ادا ٿو ڪريان.

سَچَ تو ساڻ سرڙو لڳي،
قول اڄ مان پڪا ٿو ڪريان.

مون کي "ملهار" دوکا ڏناءِ
پو به هُن سان وفا ٿو ڪريان.

❋❋❋

منهنجي سوچن ۾ جا هر گهڙي ٿي رهي،
مون لئه در تي سدائين ڪٽي ٿي رهي.

منهنجي نيڻن ۾ رهي هُنَ جو عڪس ٿو،
سدا منهنجي جيءَ سان جڙي ٿي رهي.

مون لئه خاڪِ شفا آهِ ٻڄي وئي،
تنهنجي پيرن جي جيڪا مٽي ٿي رهي.

پيار ڌرتيءَ ۾ سچ سونهن سان ٿو ڪريان،
جڻ ته پنهنجا اها بندگي ٿي رهي.

پيار جو چانورو چوڪسي ٿي وجين؟
تو سوا زندگي ڌرتتي ٿي رهي.

مان ٿو ”ملهار“ اُنَ جي لڪان حسن تي،
روح منهنجي ۾ جيڪا پري ٿي رهي .

❋❋❋

نشانا تير نظرن جا ٻڌياسي،
رڳو بس حسن جي آڏو جهڪياسي.

اسان سانوڻ جي برساتين جيان جاني،
هزارين ٽوٽ دلين تي وُٺاسي.

سوين راهن ۾ آيون رنڊڪون هن،
مِٿي منزل ڏي پر وڌندا رهياسي.

اندر جو درد ڪو سمجهي نه سگهيو،
جنونِ عشق ۾ هيڏم جلياسي.

اُتي پهتس جتي ڪوئي نه پهتو،
فلڪ ڪان پي مَٿي اُڏري وياسي.

خوشيءَ جو بس رڳو نالو ٻڌو آ،
اسان دردن جي جهوليءَ ۾ پلياسي.

اسان "ملهار" بزدل ڪونه آهيون،
سدا ڌرتيءَ جي دشمن سان وڙياسي.

❋❋❋

دل جي ڪينجهر ۾ تون ٽڙندڙ آن ڪنول،
ڪيئن نہ پو توتي لکان وايون غزل.

تون ئي مان ڳڌجي گذاريون زندگي،
پنڌ پنهنجي پيار جو ٿيندو سڦل.

ها تڏهن منهنجو اندر گهايل اٿئي،
تون جو مون کان او پرين! آهين رٺل.

ديس ۾ هاڃا ٿين ٿا هر گهڙي،
لوڪ گهري ننڊ آهي سُتل.

تو جڏهن مون کي چيو هو الوداع،
ننڊ نيڻن جي تڏهن کان آ ڦِٽل.

سُورَ ۾ سُرَ سڀ اندر ۾ ٿيا دفن،
دِل جي تنبوري جون هِن تارون ٽُٽل.

تون خوشي ۾ چين آن ” ملهار “ جو،
تو سوا مان ٿو لچان تڙپان مٿل.

❋❋❋

امن، شانتي ۽ وطن ۾ ڪٿي؟
پڙايو خوشي ۽ چمن ۾ ڪٿي؟

بهارون خزان جي ويون ور چڙهي،
اها تازگي ۽ گلن ۾ ڪٿي؟

رڳي بک، بدحالي ۽ چؤطرف،
سنڌي قوم آهي سکن ۾ ڪٿي؟

ڏين درس الفت جو انسان کي،
اهڙي ٿوم آهي مُلن ۾ ڪٿي؟

ڏٺي ناهِ موسم اجان پيار جي،
ٽِڙيا گل دل جي سحن ۾ ڪٿي؟

محلن ۾ جيون گذاريو پيا،
ايندئو اسان جي ڪکن ۾ ڪٿي؟

توهان سارَ ملندي مِلي لطف جو،
”ملهار“ سو ۽ خطن ۾ ڪٿي؟

❋❋❋

تو لئہ اندر آتو آهي،
پر تو ڪو نہ سُڃاتو آهي.

پنهنجو سارو چين وڃائي،
درد جهجهو مون پاتو آهي.

منهنجا سارا خواب رُلي ويا،
مِليو ڪو پاراتو آهي.

تنهنجو جملو ڪيئن ٿو وسري؟
تو سان ڪهڙو ناتو آهي؟

چاهہ سمورا توکي ارپي،
پنهنجي سيني لاتو آهي.

لڙڪ لڙيا ”ملهار“ اکين مان،
گيت ڏکن جو ڳاتو آهي.

❋❋❋

راهن جا رولاڪ اسان،
آهيون چڙ بي ٿاڪ اسان.

تنهنجي پويان ڊوڙن ٿا،
درشن جا هيراڪ اسان.

آهيون گنهگار پرين،
ڪاٿي آهيون پاڪ سان؟

وِههُ ڏِسي نہ ٿا گهبرايون،
عاشق زهر پياڪ اسان.

توتي پيار جي ڇانوَ رهي،
آهيون منجهند ٿاڪ اسان.

جي نہ اسان ڪان ڏار رهين،
ڪو نہ رهون ناچاڪ اسان.

تنهنجي لئہ ” ملهار “ رڳو،
ڪوليون دل جو تاڪ اسان.

❋❋❋

نہ ڪوئي شاد دنيا ۾،
نہ ڪو آزاد دنيا ۾.

رڳو ڪُتجن ٿا بيڏوهي،
ڪٿي آ داد دنيا ۾.

وڏيري کان نہ وڏ آهي،
وَڏو جلاد دنيا ۾.

ڪجي ڪنهن جي اڳيان سائين؟
پلا فرياد دنيا ۾.

رهي شل سنڌڙي منهنجي،
سدا آباد دنيا ۾.

پلا ٻيو ڪير آ منهنجو؟
اوهان کان بعد دنيا ۾.

❋❋❋

اسان زندگيءَ جي رنگن کي سجاتو،
ڪنڊن کي سجاتو گلن کي سجاتو.

اُنَ چڙ حياتيءَ جي مقصد کي سمجھيو،
جنھن راھِ ڪَنن کي سجاتو.

تڏھن ھوش ھن جا خطا ٿي ويا ھا،
جڏھن ھُنَ اسان جي ڏکن کي سجاتو.

اسان ٻيو نہ ڪوئي ٿا رستو سڃاڻون،
رڳو توڏي ايندڙ ڏڳن کي سجاتو.

ٻين جي نہ بنگلن ۾ سوچين پسندو،
جنھن آھِ پنھنجي ککن کي سجاتو.

جن پنھنجي آسن جو ڳلو گھٽيو ھو،
اسان تن ستمگر ھٿن کي سجاتو.

ڇھري تي ڇھرو رکي جن لٽيو ھو،
”ملھار“ آھي انھن کي سجاتو.

❋❋❋

زندگيءَ کان به وڌ توکي چاهيو اسان،
نينهن هر حال ۾ ٿا نڀايون اسان.

درد جي انتهائن مان گذرون پيا،
جيءُ پنهنجو رڳو ٿا جلايون اسان.

تو ته سارڻ اسان کي ڇڏي آ ڏنو،
ڪانگ تو لئه مگر ٿا اڏايون اسان.

راهون پُرخار ۽ هيڪلا سفر ۾،
پير منزل ڏي پو بي وڌايون اسان.

تنهنجي آمد جي اميد دل ۾ رکي،
پنهنجو گهر ٿا سدائين سجايون اسان.

تون نه ڄاڻين پيو تو پڇاڻان پرين،
ڪيترو ٿا وڃايون ۽ پايون اسان.

پنهنجو جيون عجب يار گذري پيو،
پاڻ روئي ٻين کي کِلايون اسان.

ڪڏهن ايندين تون" ملهار" جي اڱڻ تي،
تنهنجي راهن ۾ گلڙا وڇايون اسان.

❋❋❋

جيڪڏهن پورو ڪندين اقرار کي،
زندگي بخشي ڇڏيندين پيار کي.

هر گهڙي ٿي درد جاڳائي وجهي،
مان پلا ڪاڏي کيان هن سار کي.

مون جيان هن کي نه چاهيندو ڪوئي،
ڪير سمجهائي ڳهيلي يار کي.

تون نه ڪر مون کي ڇڏڻ جون ڳالهيون،
مون ڇڏيو تنهنجي ڪري سنسار کي.

زندگيءَ تان هٿ ڪڍڻو ٿو پوي،
ڪيئن وساريان مان پرينءَ جي پار کي؟

شال! اُنَ ۾ سي ڪڏهن ڦاسي پون،
جن وڇايو مفلسيءَ جي جار کي.

اهڙو جيون ٿو گذارڻ چاهيان،
ياد جيئن دنيا رکي "ملهار" کي.

❋❋❋

توسان آھي ملڻ مختصر ٿي ويو،
ڏاڍو دل تي پرين آ اثر ٿي ويو.

ھاڻ جيون ڏکن ساڻ ڪٽو پيو،
بند مون لئہ آ خوشيءَ جو در ٿي ويو.

هِت مرڻ کان اڳ ئي ڪوبہ ليکي نٿو،
آ زمانو سڄو بي قدر ٿي ويو.

پاڻَ ڪي مون تڏھن ڪجھ نہ پانيو ھو،
ڏور مونکان جڏھن ھمسفر ٿي ويو.

مون ڪيو پيار توسان رڳو اي پرين!
آ مخالف سمورو شھر ٿي ويو.

ڪير”ملھار“ جو درد ڄاڻي سگھي؟
ڪيئن نہ جيون سڄو آ زھر ٿي ويو.

❋❋❋

اسان جي جيون ۾ عشق ٻئجي امام آيو،
خدا جي طرفان هو جڻ ته ڪوئي انعام آيو.

توهان جي چهري تي نقش ڪاوڙ جا اُڀري آيا،
جڏهن اوهان جي هو بزم ۾ هي غلام آيو.

خدا ٿو ڄاڻي اسان اچڻ ۾ نه دير ڪئي آ،
اوهان جي طرفان جڏهن به ڪوئي سلام آيو.

نه ڪو امن آ نه ڪائي الفت نه ڪا سچائي،
خدا جي ڌرتيءَ تي ڪهڙو آهي نظام آيو.

اوهان ڪي ساري جڏهن به ڳايو مِٺا چپن تي،
سدا اوهان جي ئي محبتن جو ڪلام آيو.

اوهان جون اکيون ۽ چپ صراحي ڪڏهن نه وسريا،
جڏهن به پنهنجي چپن تي ڪوئي آ جام آيو.

اسانجو” ملهار “ پيو ٿو گذري ڏکن ۾ جيون،
سڄڻ جو ڪوئي اڃان نه آهي پيام آيو.

❋❋❋

محبت ۾ فاصلو آ،
سورن جو سلسلو آ.

ٿيو آن جدا جڏھن ڪان،
سوچن ۾ زلزلو آ.

چلڙو چو پيار وارو؟
ٿيو جلد گھرگھلو آ.

تو بن گذارجي ڪيئن؟
مجبور مرحلو آ.

چاھي چڪور ڪي ٿو،
چنڊ سان بہ مسئلو آ.

سارن مچايو ڪيڏو،
اندر ۾ ولولو آ.

دل جي شھر ويو اجڙي،
ھي چاھ جو سَلو آ.

ھر دم بلند سائين،
چاھت جو حوصلو آ.

منزل ڪان دور ٿي ويو،
الفت جو قافلو آ.

سچ ڪان وانجبو سر،
”ملهار“ فيصلو آ.

❋❋❋

گهايل مَنَ ۾ گهاءُ بہ گهرو جاڳيو ٿو،
سوچن تي يادن جو پهرو جاڳيو ٿو.

راحت آهِ لڏي وئي دل جي شهر منجهان،
هر هڪ مَنَ ۾ درد نِدورو جاڳيو ٿو.

سوچن ۾ سندر سندر سپنن ۾،
گوري تنهنجو روپ سونهرو جاڳيو ٿو.

دل جو چور الائي ڪاڏي ويو آهي،
ساروٽين ۾ هُنَ جو پيرو جاڳيو ٿو.

دل ۾ دهڙي آس سدائين تڙپي ٿي،
چڻ دل اندر زخمي ڳيرو جاڳيو ٿو.

هر هڪ منظر چڪي ٿو اڄ چنڊ جيان،
هر منظر ۾ تنهنجو چهرو جاڳيو ٿو.

سارو جڳ هي ڪرٽا ڪرٽا ٿي پيو آ،
تنهنجي مک ۾ صبح سويرو جاڳيو ٿو.

پريم پتر تو ڦاڙيو هو"ملهار" سندو،
جذبن اندر ٽڪرو ٽڪرو جاڳيو ٿو.

❋❋❋

پيار اسان جو ٽٽو ناهي،
محبت ڪان منهن مٽو ناهي.

تنهنجو آهي عڪس آهي اکين ۾،
ٻئي ڏي هڪ پل ڏسڻو ناهي.

تنهنجي ياد سهارو منهنجو،
توريءَ جڳ ۾ جيئڻو ناهي.

پل نہ زمانو سور ڏئي پر،
پيار ڪان ناتو ڇِڄڻو ناهي.

پياراسان جو پختو پيارا،
لوھ تان ليڪو ڍهڻو ناهي.

آءُ نہ توکي راز ٻُڌايان،
سور ٻين سان سلڻو ناهي.

توريءَ دل "ملهار" اداسي،
محب مٿيءَ کي ڪِلڻو ناهي.

❋❋❋

سنڌڙيءَ کي جرڪايون جڳ ۾،
سهڻي سنڌ بڻايون جڳ ۾.

هر هنڌ جرڪي پيار، محبت،
اهڙو رنگ رچايون جڳ ۾.

دوکو ۽ دولاب ڌڪاريون،
نفرت کين رهايون جڳ ۾.

سينواريل سوچن کي گڏجي،
باقي کين بچايون جڳ ۾.

هٿ هٿ ۾ ڏئي طاقت جوڙي،
چيني پٽ بڻايون جڳ ۾.

پيار، محبت ۽ ايڪو، الفت،
پنهنجن کي پرچايون جڳ ۾.

سنڌ سڄي "ملهار" ۾ مٽائي،
بادل کي برسايون جڳ ۾.

***

اجرڪ ٽوپي شان اسان جو،
محبت ۾ ايمان اسان جو.

آخر تائين وڙهندو رهندو،
سنڌي هر هڪ جوان اسان جو.

جيجيل سنڌ مٿان هي هر دم،
سرڙو آ قربان اسان جو.

شاهه ڀٽائيءَ جوڙيو آ ڏس،
سنڌيءَ ۾ قرآن اسان جو.

ڪالهه پنڻ لئہ آيو هئين اڄ،
وسري ويئي احسان اسان جو.

سڪ وارن لئہ آهہِ ڪشادو،
اندر جو ايوان اسان جو.

روڪي ڪين تون سگهندين ڪانئر،
تڙپيو جي طوفان اسان جو.

❋❋❋

اونداهيءَ ۾ الڪا جاڳن،
منهنجا سندر سپنا جاڳن.

توسان منهنجو نينهن جو ناتو،
روحن وارا رشتا جاڳن.

ڇا لئهِ مون کان ڪاوڙ ڪئي تي؟
من اندر ڪيترا ڪتڪا جاڳن.

ساري دنيا ننڊ پئي آ،
شاعر جا ٿا جذبا جاڳن.

مونسان گڏ ٿا منهنجا سائين،
سڏڪي سپ ستارا جاڳن.

تو جي مونسان قول ڪيا ها،
يادن ۾ سي وعدا جاڳن.

❋❋❋

روز مران ٿو پو به جيئڻ ٿو چاهيان مان،
جيون توسان پيار ڪرڻ ٿو چاهيان مان.

رنگ حياتيءَ جا سڀ وڪري ويا آهن،
ٻيهر ان ۾ رنگ ڀرڻ ٿو چاهيان مان.

ڪيسيتائين سهندو رهندس سور پرين،
گهٽو رُنو هان هاڻ کِلڻ ٿو چاهيان مان.

مونکان ڏار رهي تون چين پسي سگهندين؟
توکان! اها ڳالهه پڇڻ ٿو چاهيان مان.

هڪ ڏرتيءَ لئه ٻيو پنهنجي سرتيءَ لئه،
سارو جيون گيت لکڻ ٿو چاهيان مان.

بس هڪڙي ”ملهار“ تمنا آ مَنَ ۾
تنهنجي دل ۾ يار رهڻ ٿو چاهيان.

❋❋❋

ڪڏهن نہ ديس جي دشمن سان ناهہ ٿي سگهندو،
اهڙو نہ دوستو مون کان گناهہ ٿي سگهندو.

پلي تہ ذات جا وينو لکين ڏيئا ٻاري،
مگر ڪڏهن بہ هو شاعر نہ شاهہ ٿي سگهندو.

تون ئي تہ ٻات ۾ مون لئہ روشني آهين،
سڄڻ هر حال ۾ تون سان نباهہ ٿي سگهندو.

جيترو توکي ٿو چاهيان پيو سچائيءَ سان،
ايترو ڪنهن جو ڀلا ڪنهن سان چاهہ ٿي سگهندو.

آتش عشق کان بچي سگهي ٿو ڪير ڀلا؟
ڏکيو جي عشق اندر ۾ آڙاهہ ٿي سگهندو.

مِٺا ”ملهار“ سان ايڏي نہ بي رُخي ڪر تون،
جي هُو رُنو تہ ڳوڙهن جو درياهہ ٿي سگهندو.

***

ڪيئن ڪٽي سلسلو پيار جو؟
آ ڏکيو مرحلو پيار جو.

ٻي نه ڪائي پريشاني آهي،
آ رڳو مسئلو پيار جو.

ساهه ۾ سو مون سانڍي رکيو آ،
تو ڏنو جو ڇلو پيار جو.

سور ٻڻجي وئي آ حياتي،
جهوري ٿو فاصلو پيار جو.

خزائن جي ور سو چڙهي ويو،
جو ڦٽو هو سَلو پيار جو.

خوب ”ملهار“ بدنام ٿي ويو،
وِيو وَڏي معاملو پيار جو.

❋❋❋

تو سوا ڪٿ زندگيءَ ۾ سوجهرو،
اڄ ته ٿي پئي هر گهڙيءَ ۾ سوجهرو.

ڪيت مان بيٺي ٿي هَڪلي جهارڪي،
هُوءَ ته آهي چرڻ پنيءَ ۾ سوجهرو.

ذات جا ڏيئا پيو ٻاريان پرين،
آهِ منهنجي شاعريءَ ۾ سوجهرو.

چرڻ ته مونسان چنڊ ٻڌجي ٿي هَلي،
ڪيترو! آهي مِٽيءَ ۾ سوجهرو.

روشني وئي ڦهلجي وَئي اڌ رات جو،
ايترو تنهنجي چٽيءَ ۾ سوجهرو.

تو جا پاتي جهات دروازي منجهان،
ٿي پيو ساري گهٽيءَ ۾ سوجهرو.

دعا اِها هر دم گهري "ملهار" ٿو،
شال! ٿي پئي سنڌڙيءَ ۾ سوجهرو.

❋❋❋

آس جا گل ٽياس تي ٽنگجي ويا،
دل اندر احساس ڪي دٻجي ويا.

خوش رهڻ جي ڪيتري ڪوشش ڪيم،
درد پو ٻيي مونسان ٻڪجي ويا.

جن وِڇايا منهنجي راهن ۾ ڪنڊا،
ڪيترو سي پوئتي رهجي ويا.

اوچتو ٿيو جو حادثو دل منجهان،
پيار جا خيما اُکڙيل پٽجي ويا.

جن سدائين ساٿ باطل جو ڏنو،
وقت جي سي ڌوڙ ۾ لٽجي ويا.

توکان وڇڙي آهِه مون کي ائين لڳو،
زندگيءَ جا ڏينهن چڻ گهٽجي ويا.

سونهن جي ڳولا ڪندي "ملهار" جا،
پير پٿرن جي مٿان ڦٽجي ويا.

❋❋❋

# وايون

محبت وارن سان،
چنڊ ستارن سان،
جيون گذري ٿو پرين.

تنهنجي يادن جي،
ڪونج قطارن سان،
جيون گذري ٿو پرين.

جن جي ساٿ جيئان پيو،
پنهنجي يارن سان،
جيون گذري ٿو پرين.

سوچن جي انبوهه ۾،
نينهن نظارن سان،
جيون گذري ٿو پرين.

ڪنهن جو هن سنسار ۾؟
چين سهارن سان،
جيون گذري ٿو پرين.

آشائن جي ديس ۾،
درد هزارن سان،
جيون گذري ٿو پرين.

❋❋❋

ائين ٿو ڀاسي،
گهر جي آڳر ۾،
چنڊ لهي ٿو.

چوڌر تون ئي تون،
هر هڪ منظر ۾،
چنڊ لهي ٿو.

رات ڏٺم سپنو،
منهنجي ڀاڪر ۾،
چنڊ لهي ٿو.

مون ڏي آئينءَ جئن،
اجڙيل مندر ۾،
چنڊ لهي ٿو.

❋❋❋

هوءَ پنهنجو ڦوٽو،
ڪالهه رکي وئي آ،
منهنجي ڊائريءَ ۾.

ساري دنيا جي،
سونهن اچي وئي آ،
منهنجي ڊائريءَ ۾.

شايد پنهنجو نانءُ،
هوءَ پڙهي وئي آ،
منهنجي ڊائريءَ ۾.

”تنهنجي آهيان مان،
هوءَ لکي وئي آ“،
منهنجي ڊائريءَ ۾.

❋❋❋

منهنجو هڪڙي جاءِ تي ناهي ٽِڪاڻو،
محبت مان ڳوليان پيو.

اونداهي سنسار ۾ ٻڄي تانڊاڻو،
محبت مان ڳوليان پيو.
ٻيڙي آشائون پيو جيون آ گهاڻو،
محبت مان ڳوليان پيو.

منهنجي دل چاهي سدا شال ملي راڻو،
محبت مان ڳوليان پيو.

ڪيڏو دل جي ديس ۾ درد آ ساماڻو،
محبت مان ڳوليان پيو.

جيون گهارڻ چاهه رِيءَ ڪيل نہ ٻاراڻو،
محبت مان ڳوليان پيو .

***

بھارن ڪان پڇي ڏسجو،
اسان جي پيار جون ڳالھيون.

ھُجي برسات جي موسم،
نظارن ڪان پڇي ڏسجو،
اسان جي پيار جون ڳالھيون.

توھان ھن شھر جي ماڻھن،
ھزارن ڪان پڇي ڏسجو،
اسان جي پيار جون ڳالھيون.

ھُيو چنڊ ساڻ سمجھو تو،
ستارن ڪان پڇي ڏسجو،
اسان جي پيار جون ڳالھيون.

ڪڏھن سنڌوءَ ۽ ڪينجھر جي،
ڪنارن ڪان پڇي ڏسجو،
اسان جي پيار جون ڳالھيون.

❋❋❋

پريت اسان جيءَ کي،
سمجهي ناهِ سگهيو.

پيار جي پوک جتي،
اُنَ دِل ڌرتيءَ کي،
سمجهي ناهِ سگهيو.

نفرت جي جَڙَ آ،
شايد مفتيءَ کي،
سمجهي ناهِ سگهيو.

غير ڇڏي سنڌ ۾،
پنهنجي غلطيءَ کي،
سمجهي ناهِ سگهيو.

ڇا هي شيخ اياز؟
تون تنهن هستيءَ کي،
سمجهي ناهِ سگهيو.

❋❋❋

پنهنجي جيون جا،
سپرين سارا پل،
توکي ارپي ٿو ڇڏيان.
روئندڙ اکيون ۽،
پنهنجا آلا ڳل،
توکي ارپي ٿو ڇڏيان.

تڙپي سڏڪي مون،
جوڙيا هيت غزل،
توکي ارپي ٿو ڇڏيان.

سندر سپنا ۽،
خوشيون سڀ مِٺل،
توکي ارپي ٿو ڇڏيان.

مَنَ جي ڪينجهر ۾،
ٽڙندڙ سڀ ڪنول،
توکي ارپي ٿو ڇڏيان.

گوري تنهنجي شهر جا،
منظر هي سارا،
منهنجو مَنُ موهي ويا.
چاندوڪيءَ جي رات ۾،
اُڀ مٿي تارا،
منهنجو مَنُ موهي ويا.

پيار سچو جن وٽ،
ماڻهو سي پيارا،
منهنجو مَنُ موهي ويا.

تنهنجي گهر ڏي او مٿي!
ايندڙ سڀ چارا،
منهنجو مَنُ موهي ويا.

❋❋❋

بي رنگ آ جيون،
منهنجي جيون جا،
رنگ اڏامي ويا.
هاءِ ويون خوشيون،
سيني ٺهڪن جا،
رنگ اڏامي ويا.

رڪَ اُڏامي ٿي،
منهنجي جوڀن جا،
رنگ اڏامي ويا.

ڏات ڏڪائي وئينءِ،
منهنجي گيتن جا،
رنگ اڏامي ويا.

❋❋❋

سار تنهنجي سڪي،
آ بهارن جيان.
ساٿ تنهنجو هجي،
پوءِ هيءَ زندگي،
آ بهارن جيان.
تنهنجي هر هڪ ادا،
مون کي پياري لڳي،
آ بهارن جيان .
لوڪ تو لئہ چوي،
هوءَ ڏسو چوڪري،
آ بهارن جيان.
تنهنجي چهري منجهان،
جا ٻَکي سونهن ٿي،
آ بهارن جيان.
ٿهڪ تو جو ڏنا،
مهڪ وِکري وَئي،
آ بهارن جيان.
پيار چو ٿي چنين؟
پيار جي هر گهڙي،
آ بهارن جيان.

❋❋❋

تنهنجي ٻانهن ۾،
ڪنگڻ آ ڪڙڪيو،
ساز وڄي پيو آ.
روح ٻڌيو راڳي،
دِل جي دردن جو،
ساز وڄي پيو آ.

مَنَ جي باجي ڪي،
چاهه چري ڇيڙيو،
ساز وڄي پيو آ.

تو جو ڳالهايو،
مون ليڪي ڄڻ ڪو،
ساز وڄي پيو آ.

❋❋❋

جذبا حويليءَ ۾،
آھِن قيد اديون.

پئيس ٻه ماري تو،
سڌڪا حويليءَ ۾،
آھِن قيد اديونيءَ

ساپيان ڪيئن تين؟
سپنا حويليءَ ۾،
آھِن قيد اديون.

آھيان آءٌ سَتي،
اڌما حويليءَ ۾،
آھِن قيد اديون.

دانھون ڪيرُ ٻُڌي؟
واڪا حويليءَ ۾،
آھِن قيد اديون.

ڪھڙو آ جيون؟
لاشا حويليءَ ۾،
آھِن قيد اديون.

❋❋❋

نيڻن کي ڏئي جاڳ،
ساجن ڏور هليو ويو.

وساري ويهي رهيو،
محبت وارا ماڳ،
ساجن ڏور هليو ويو.

ڪهڙي ديس ميار ڏيان،
ڦِتل پنهنجا ڀاڳ،
ساجن ڏور هليو ويو.

ڪهڙا حال پيو پُڇين؟
دِل کي ڏيئي داڳ،
ساجن ڏور هليو ويو.

ڪهڙا تيل ڦليل ۾،
ڪهڙا ڪجن مساڳ؟
ساجن ڏور هليو ويو.

❋❋❋

ٻڌو آهي مون،
شهر جي رستن ۾،
مون کي تو ڳولهين.

ڪتابن ۾ ڇپيل،
منهنجي گيتن ۾،
مون کي تو ڳولهين.

جذبا جنجهوڙي،
پريت ڦوٽن ۾،
مون کي تو ڳولهين.

وعدا ٽوڙي ڇو؟
پنهنجن سپنن ۾،
مون کي تو ڳولهين.

ملهاري منڊ جي،
برسيل  بوندن ۾،
مون کي تو ڳولهين.

❋❋❋

دريءَ مان تو صنم،
مون ڏي پاتو ليئو،
گيت سرجي پيو.
تو جو آهي مِٺي،
مون ڏي مرڪي ڏٺو،
گيت سرجي پيو.

سونهن تنهنجي تہ آ،
هوش اڏري ويو،
گيت سرجي پيو.

مون کي تنهنجي تہ آ،
چاهہ چريو ڪيو،
گيت سرجي پيو.

نينهن نپايو جڏهن،
تنهنجي نظرن ڏٺو،
گيت سرجي پيو.

❋❋❋

ڪوتا جوڙيندي،
سوچ سگهاريءَ ۾،
ياد پئين مون کي.
راڳيءَ گيت ڇيو،
محفل ساريءَ ۾،
ياد پئين مون کي.

گلڙا مهڪي پيا،
ٽهڪي ٽاريءَ ۾،
ياد پئين مون کي.

سنڌوءَ پر جوڙيم،
گهرڙا واريءَ ۾،
ياد پئين مون کي.

جذبا سڏڪي پيا،
رات انڌاريءَ ۾،
ياد پئين مون کي.

❋❋❋

عرصي کان پئي تي ٻري مَنَ ۾ سڪ ٻتي،
آهيان آءٌ اُڪاڻڪو.

پيارا پنهنجي پيار جي ٿيندي ڪيئن پتي؟
آهيان آءٌ اُڪاڻڪو.

تو ريءَ ناهي چانورو، جيون ڏرتتي،
آهيان آءٌ اُڪاڻڪو.

ڪيسين سانڍي سور کي دلڙي درد وَتي؟
آهيان آءٌ اُڪاڻڪو.

گهر جي بس"ملهار" کي پيارا پريم رَتي،
آهيان آءٌ اُڪاڻڪو.

***

زخمي ٿيو آهي پرين تنهنجو منهنجو چاهه،
پٿريلي سنسار ۾.

هاڻِ تہ آ گهٽجڻ لڳو سرتا منهنجو ساهه،
پٿريلي سنسار ۾.

ناهي ڪائي روشني چوڌاري اونداهه،
پٿريلي سنسار ۾.

سوچيان ٿو ڪاڏي ويو پنهنجو پيار اُٿاهه،
پٿريلي سنسار ۾.

الفت کي سمجهن پيا مورک ڇڻ تہ گناهه،
پٿريلي سنسار ۾.

❋❋❋

سايپائن جا او سکي!
منهنجي سپنن مان،
سندر گل ڦٽي پيا.

جن تي گهمندي آنهه تون،
سيني رستن مان،
سندر گل ڦٽي پيا.

تو لئہ جيڪي مون چيا،
مهڪي گيتن مان،
سندر گل ڦٽي پيا.

الفت سرڪي وئي ملي،
منهنجي جوين مان،
سندر گل ڦٽي پيا.

جيون جرڪي آ پيو،
سُڏڪن ٿهڪن مان،
سندر گل ڦٽي پيا.

❋❋❋

تنهنجون ٿي ساروڻ،
منهنجي جيون ۾ پرين.

توکان پوءِ رهجي ويون،
ماٺهن مياروڻ،
منهنجي جيون ۾ پرين.
ڪيئن مان سور سميٽيان،
لڙڪن جون لاروڻ،
منهنجي جيون ۾ پرين.

تو ريءِ ڪير ڪري سگهي؟
دردن جو داروڻ،
منهنجي جيون ۾ پرين.

❋❋❋

هيل نہ آئين ڇو؟
ڪڏهن ايندي ۽ سانوري؟

ڏور آهين ڇا لئہ؟
مون کي ناهہ پَتو،
ڪڏهن ايندي ۽ سانوري؟

من مندر ۾ آ،
تنهنجي ياد رکو،
ڪڏهن ايندي ۽ سانوري؟

مون تہ ڪيو آهي،
توسان پريم سَچو،
ڪڏهن ايندي ۽ سانوري؟
سانوڻ رُت ۾ مان،
توکي ساريان ٿو،
ڪڏهن ايندي ۽ سانوري؟

سور سوايا ٿيا،
آهن مون وٽ وو،
ڪڏهن ايندي ۽ سانوري؟

❋❋❋

دل ۾ تنهنجو درد،
چهرو پيلو ٿي ويو.

ڪوڙن جي سنسار ۾،
ڦاٽو سچو فرد،
چهرو پيلو ٿي ويو.

مايوسي آ ملڪ ۾،
منڊ بہ آهي زرد،
چهرو پيلو ٿي ويو.

مونکي هُنَ ڪلنڊي چيو،
آهين تون نامرد.
چهرو پيلو ٿي ويو،

سوچون آيون ذهن ۾،
بڻجي دهشتگرد،
چهرو پيلو ٿي ويو.

❋❋❋

توکان پو منهنجي،
نيڻن کان جانان،
ننڊ ڪٿي آهي؟

توکي سارن ٿيون،
سوچن کي جانان،
ننڊ ڪٿي آهي؟

هر دم جاڳن ٿا،
دردن کي جانان،
ننڊ ڪٿي آهي؟

تڙپن ٿا تو لئهِ،
جذبن کي جانان،
ننڊ ڪٿي آهي؟

مينهن جيان برسن،
لڙڪن کي جانان،
ننڊ ڪٿي آهي؟

❋❋❋

تون تہ وئين تنهنجي،
ٽهڪن جي خوشبو،
رهجي وئي آهي.

منهنجي ڪمري ۾،
زلفن جي خوشبو،
رهجي وئي آهي.

چوڌس مهڪارون،
لفظن جي خوشبو،
رهجي وئي آهي.

منهنجي ذهن اندر،
يادن جي خوشبو،
رهجي وئي آهي.

تنهنجي ساهن جي،
گلڙن جي خوشبو،
رهجي وئي آهي.

❋❋❋

# چئوسٽا

تنهنجي لئہ ايترو منتظر تو رهان،
جڻ پنهنجو پاڻ کان بي خبر تو رهان.
ساٿ تنهنجي سان مون کي ائين تو لڳي،
جڻ سڄي شهر ۾ معتبر تو رهان.

❋❋❋

چاهتن جو سفر شال جاري رهي،
سائي منهنجي سدا سنڌ ساري رهي.
ڪو نہ رڪجن سنڌوءَ جون ڪڏهن چوليون،
پنهنجي ڌرتيءَ جو موجن ۾ هاري رهي.

❋❋❋

تنهنجي الفت عذابن حوالي ڪيو،
مون کي آهي شرابن حوالي ڪيو.
مک تنهنجو ڪرڻ تو گهري روشني،
تو آ جنهن کي نقابن حوالي ڪيو.

❋❋❋

ڌار توکان تي لکيم تحرير سڏڪا تي پري،
دل جي دردن کي ڇُهي هر هير سڏڪا تي پري.
فڪر زخمي، ذڪر زخمي، آس زخمي آ پرين،
اُپرندڙ هر سوچ جي تصوير سڏڪا تي پري.

❋❋❋

سنڌ پنھنجيءَ سان ٿين ٿيون سازشون،
آھي پنھنجي سادگي پو چا ڪجي؟
پيٽ لئہ وڪڻ پيا رھبر سيئي،
قوم سان گڏ سنڌڙي پو چا ڪجي؟

❋❋❋

اسان گناھ تا چاھيون ثواب آچي تو،
اسان کي خار تا گھرجن گلاب آچي تو.
اسان کي سور تو گھرجي گھٽو گھٽو گھرجي،
مگر ھو پنھنجي نيڻن مان شراب آچي تو.

❋❋❋

پنھنجون ساريون ريتون، رسمون زندھ آباد،
سنڌوءَ جون سڀ چوليون موجون زندھ آباد.
پنھنجي ثقافت، پنھنجي ٻولي آھ عظيم،
پنھنجي وطن جون واھڻ وستيون زندھ آباد.

❋❋❋

چاهتن ۾ چس تو ڳوليان پيو،
چنڊ گلن ۾ رس تو ڳوليان پيو.
جو وٺي مون کي وَڃي منزل طرف،
آءُ اهڙو گس تو ڳوليان پيو.

❋❋❋

دنيا ساري دوکو آهي،
جيون گهارڻ سوکو آهي.
هونئن تو هرڪو درد رکي پر،
منهنجو درد انوکو آهي.

❋❋❋

هوءَ منهنجي ذهن ۾ تي شاعريءَ وانگر رهي،
سڪ هُنَ جي دل اندر تي روشنيءَ وانگر رهي.
پيار هُنَ جو دل جي جذبن کي رنگينيون تو ڏئي،
شال! منهنجي زندگيءَ ۾ هوءَ خوشيءَ وانگر رهي.

❋❋❋

ڪربلائن جو سفر جاري اجان،
يوڳنائن جو سفر جاري اجان،
اج ٻ غازيءَ جي وفائن جي ڪري،
آ وفائن جو سفر جاري اجان.

(حضرت غازي عباس علمدار)

❋❋❋

مون کي ڪو چين اڌارو ته ڪپي،
پيار وارن جو سهارو ته ڪپي.
جنهن ۾ امن ۽ رچيو پيار هجي،
مون کي اهڙو ڪو نظارو ته ڪپي.

❋❋❋

پٿر بي رُخيءَ جا هَٽي تي پئي،
خبر ناهه پوءِ ڇو وٽي تي پئي.
دکي دل جي دنيا جي جهومي پوي،
جڏهن نيٽن مون ڏي ڪٽي تي پئي.

❋❋❋

پيار تنهنجو اگر جي ملي ته پوي،
منهنجي تقدير ويندي مٺي بدلجي.
نانءُ پنهنجي سان جي نانءُ منهنجو ڳنڍيين،
زندگي تي پوي هر گهڙي بدلجي.

❋❋❋

تنهنجي لائق آهيان يا ناهيان،
آئيني ۾ چِتائي ڏسندو هان.
وجود پُلجي ويندو هان پنهنجو،
نيڻ توسان ملائي ڏسندو هان.

❋❋❋

آئينو ته چوي تو ۾ ڪهڙي ڪمي،
مون چيو او چريا! ڏاڍو مسڪين هان.
ناهه بنگلو وڏو ڪار پيي ڪونهي،
تنها ڪنري اندر ويٺو غمگين هان.

❋❋❋

ياد جو تحفو رکي ويو،
چڻ ته گلدستو رکي ويو.
منهنجي دل دنيا اندر هو،
پيار جو نقشو رکي ويو.

❋❋❋

ذات جو ڏيئو ڪڏهن وسڻو نہ آ،
پيار جو جذبو ڪڏهن مرڻو نہ آ.
پل ته منهنجي دل مٿان ٽانڊا رکو،
ڪوڙ سان گڏجي ڪڏهن هلڻو نہ آ.

❋❋❋

سار تنهنجي سرير ۾ آهي،
ڪيڏي هيڪار هير ۾ آهي.
هر ڪو جذبو جنجهوڙجي پيو آ،
سوچ جڪڙيل زنجير ۾ آهي.

❋❋❋

ڪيڏو پنهنجو نينهن نرالو آ پيارا،
تاريڪيءَ ۾ چڻ ته اجالو آ پيارا.
هر دم سانڍيون پنهنجي محبت سيني ۾،
نفرت اونداهيءَ جو نالو آ پيارا.

❋❋❋

ٽوڙي ساريون ريتون رسمون پيار ڪيون،
پيار ورهائي سهڻو هي سنسار ڪيون.
ڪوڙ، ڪدورت، ڪينو جڳ ۾ ڪو نه رهي،
صاف ۽ سچو پنهنجو هر ڪردار ڪيون.

❋❋❋

وڃائيندين نه جي پنهنجي تون جيون جي گهڙي ڪائي،
ته ٿيندي تنهنجي نالي جي زماني ۾ پذيرائي.
سهپ سان ڪاميابيون، ڪامرانيون ڪوڙ ماٽيندين،
رڳو نقيان ڏيندي آ حياتيءَ کي اُبهرائي.

❋❋❋

هل پير پري پيارا،
مايوس نہ ٿي منزل ڪاٿي آ پري پيارا.

وشواس مري ويو آ،
مان سمجهان ٿو جڳ مان احساس  مري ويو آ.

سنڌ ساري ٿي مرڪي،
جنهن وقت دري کولي هوءَ ناري ٿي مرڪي.

ڪيئين ساهه سري سگهندو؟
چا توريءَ جيون جو ڏيئو بہ ٻري سگهندو؟

گل ساڻ ڪٽي ايندس،
مان تنهنجي محفل ۾ سرهاڻ ڪٽي ايندس.

هوءَ مون ڏي گهوري ٿي،
ڄڻ منهنجي جذبن کي گلڙن ۾ پوري ٿي.

سڪ تنهنجي اندر ۾،
ڄڻ لاٽ ٻري ٿي پئي منهنجي من مندر ۾.

هر منظر مرڪي پيو،
ها سونهن ڏسي تنهنجي دل جو گهر مرڪي پيو.

❋❋❋

هوءَ جذبا پوکي ٿي،
اکڙين ۾ اڻپورا ڪي سپنا پوکي ٿي.

احساس نہ تڙپايو،
گل محبت جا ورچي سنسار کي مهڪايو.

سنسان سيئي راهون،
هِنَ درد وندي دل جون هِتِ ڪير ٻڌي آهون.

تَنَ من جُهري پيو آ،
تو ساٿ ڇڏيو آهي، جوين جُهري پيو آ.

ڪي ساز چڙيا آهن،
دل اندر يادن جا رابيل ٽِڙيا آهن.

رشتو تہ نہ توڙ سگهي،
دل اندر دردن جو خيمو تہ نہ کوڙ سگهي.

فڪرات ڪسي سگهنديون؟
تون پيار ڇني مون کان ڇا ذات ڪسي سگهنديون؟

سڪ ساهہَ ۾ خوشبو آ،
تنهنجي گهر ڏي ايندڙ هر راهہ ۾ خوشبو آ.
دردن جو جيئڙو آ،
تنهنجي ٿي عرصي کان سرتي اوسيئڙو آ.

هوءَ پيار نہ ڇاڻي ٿي،
هر روز تڏهن مون لئہ آزار اماڻي ٿي.

جنهن پيار ڪيو ناهي،
اُنَ جڻ تہ حياتيءَ ۾ ڪجهہ پيو تہ ڏٺو ناهي.

ڇو چاهہ نگر ڏاهيون؟
اُن ڪان تہ سٺو آهي اونداهہ نگر ڏاهيون.

ڪوئي بہ نہ ساٿي آ،
ڪٿيان ٿو سفر تنها دردن ۾ حياتي آ.

مون ڳل چميا تنهنجا،
ڪيڏو نہ حجابن ۾ ها نيڻ جهڪيا تنهنجا.

هر چاهہ ڪيان صدقي،
مان پنهنجي ڌرتيءَ تان سر ساهہ ڪيان صدقي.

هي روح رهي سگهندو؟
هيئن درد وڇوڙي جو ”ملهار“ سهي سگهندو،

❋❋❋

# ڪافي

تنهنجو درد اٿم دلدار سڄڻ،
منهنجا اجڙي ويا سينگار سڄڻ.

تو آهه ڇڏيو ڪجهه پيي نہ رهيو،
تو دل کي گهرو زخم ڏنو،
تو تڙپان توکان ڌار سڄڻ.

مَنَ مندر تو سنسان لڳي،
هر منظر تو سنسان لڳي،
تو ساريان توکي يار سڄڻ.

تو چاهه ڏنو ويساهه ڏنو،
تو دل کي چين اٿاهه ڏنو،
ڪيئن وسرن تنهنجا پيار سڄڻ؟

ڪتي چاهت وارا ٻول رهيا،
ڪِٿ ٿهڪ تنهنجا انمول رهيا،
ڪِٿ آهي منڌ بهار سڄڻ.

تنهنجي الفت مست ملنگ ڪيو،
منهنجي جيون کي بي رنگ ڪيو،
نيڻن مان وهن ٿا نار سڄڻ.

تون آءُ تہ ڪائي رهاڻ ڪريون،
سنسار سڄو سرهاڻ ڪريون،
توکي آهِ سڏيو”ملهار“ سڄڻ.

***

# نظم

(ڪيئن عيد ڪيان؟)
ڪيئن ڀڪي ٿڪي آءُ گهمان؟
هن ڌرتيءَ تي ڪيئن عيد ڪيان؟

جِت خون سندا درياهه وَهن،
جِت ٻار ٻُڪيي جي لئہ تڙپن،
جِت نفرت جا طوفان هجن،
جِت الفت لئہ انسان سڪن،
اُتَ ڪنهن کي عيد مبارڪ ڏيان؟
هن ڌرتيءَ تي ڪيئن عيد ڪيان؟

جِت جذبا جهير جنجهوڙن ٿا،
ڏک دل ۾ ڪوڪا ڪوڙن ٿا،
جِت پُختا رشتا ٽوڙن ٿا،
هن قوم جو ٻيڙو ٻوڙن ٿا،
پيو تڙپي تڙپي گيت لکان،
هن ڌرتيءَ تي ڪيئن عيد ڪيان؟

جِت جنتا بي آرام هجي،
هر غيرتمند غلام هجي،
جِت سوچن کي سرسام هجي،
جِت عدل، امن بدنام هجي،
تو گهڙيءَ گهڙيءَ نئون سور سهان،
هن ڌرتيءَ تي ڪيئن عيد ڪيان؟

جِت ڪوڙ نگيءَ سان ناهہ هجي،
جِت اوندهہ ڀات اٿاهہ هجي،
جِت گم رهبر گمراهہ هجي،
جِت سچ جو مُٽِ ۾ ساهہ هجي،
اُت ڪيئن چپن تي مرڪ رکان؟
هن ڌرتيءَ تي ڪيئن عيد ڪيان؟

جِت ڏاها رهبر نند هجن،
جِت دودا ننگر نند هجن،
جِت قومي ليڊر نند هجن،
جِت مسجد مندر نند هجن،
مان سڏڪي سڏڪي تو سڏڪان،
هن ڌرتيءَ تي ڪيئن عيد ڪيان؟

هن ڌرتيءَ تي ”ملهار“ ڏِسان،
شل سنڌڙيءَ منجهہ سڪار ڏِسان،
مان آزادي ۾ پيار ڏِسان،
۽ چوڌر گل گلزار ڏِسان،
مان مَنَ ۾ تو هي آس ڏِسان،
هن ڌرتيءَ تي ڪيئن عيد ڪيان؟
ڪيئن ڀڪي ٿهڪي آءُ گهمان؟

❋❋❋